هفتيوار رسالو

TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

# دل بدلڻ واريون 41 ڳالهيون

(امام غزالي رحمة الله عليه جي ڪتاب منهاج العابدين مان ٻي قسط)

- عبادت ۽ دعا ۾ لذت ماڻڻ جو نسخو
- گهڻو کائڻ جون 10 آفتون
- سڀ کان ڏکيو ڪم
- سڌو رستو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو إِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: دل بدلائڻ واريون 41 ڳالهيون

ڇاپو پهريون: -

تعداد: -

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# دل بدلائڻ واريون 41 ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

### دل بدلائڻ واريون 41 ڳالهيون


دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
(1): متقيءَ کي متقي ڇو چيو ويندو آهي؟ ........ 2
(2): نِگاهن جي حفاظت ........ 3
(3): عبادت ۽ دعا ۾ لذت حاصل ڪرڻ جو نسخو ........ 3
(4): فضول گفتگو جو وبال ........ 3
(5): غِيبت جي تباهه ڪاري ........ 4
(6) هڪ مشهور چوِٽي ........ 4
(7): الله پاڪ تي سڀ ڪجهه ظاهر آهي ........ 4
(8) ڊِگهي اميد ۽ موت جي ياد ........ 4
(9) دل جي نرمي ۽ صفائيءَ جو طريقو ........ 4
(10): دنيا ٿي ساهہ آهي ........ 5
(11): حَسَد جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي ........ 5
(12): رَبَ جي ناراضگيءَ جو حقدار ڪير؟ ........ 5
(13): ڊِگهي اميد رکڻ وارو ڪير؟ ........ 5
(14): موت جي ياد ........ 6
(15): پنهنجي اندر عاجزي پيدا ڪرڻ جو طريقو ........ 6
(16): حرام غذا ۽ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ جو وَبال ........ 6
(17): اڪيلائي ۽ بک ........ 7
(18): حلال ضرورت جيترو ئي ايندو آهي ........ 7
(19): آخري نبي صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي خصوصيت ........ 8
(20) گهٽو کائڻ جا دنياوي ۽ اُخروي نقصان ........ 8
(21): گهٽو کائڻ جون 10 مصيبتون ........ 8
(22) پرهيزگاريءَ جي رستي تي هلڻ جي لاءِ ........ 9
(23): کهڙي ڪاڏي تي حساب نہ پر ثواب آهي ........ 9
(24) دنيا جي دوستيءَ ۾ اجايو وقت وڃائڻ وارن جي لاءِ لمحهءِ فڪر ........ 9
(25): نفس جي خَباثت 70 شيطانن جي خَباثت کان وڌيڪ آهي ........ 10
(26) گناهہ ڇڏي ڏيڻ نيڪيون ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي ........ 10
(27): پرهيز اَڌُ نہ پر پُورو علاج آهي ........ 11
(28): هڪ گِرهہ ۽ بري نظر جي نحوست ........ 11
(29): دل جي اصلاح سڀ کان ڏکيو ڪم آهي ........ 11

(30): نفس ماڻهوءَ جي تابع آهي ........................................ 11

(31): رزق ڏيڻ جو قَسَم ........................................ 12

(32): منهنجو معاملو الله پاڪ جي حوالي آهي ........................................ 12

(33): پَڪو ارادو گهرجي ........................................ 12

(34): سڀ کان ڏکيو ڪم ........................................ 13

(35): وَڏن جا امتحان بہ وڏا هوندا آهن ........................................ 13

(36) هر مشڪل کان پوءِ آساني آهي ........................................ 13

(37): صرف رزق جي فڪر ۾ پنهنجو پاڻ کي ٿَڪائڻ وارؤ ! ........................................ 13

(38): الله پاڪ منهنجي معاملي ۾ بهتريءَ کي مون کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ........ 14

(39) سڄو جَهانُ تنهنجي لاءِ آهي ۽ تون خدا جي لاءِ آهين ........................................ 14

(40) سِڌو رستو ........................................ 15

(41): مصيبت اچڻ تي صبر ڪرڻ جو طريقو ........................................ 16

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# دل بدلائڻ واريون 41 ڳالهيون

**دعاءِ عطار:** يا ربّ ڪريم جيڪو بہ ھي رسالو **دل بدلائڻ واريون 41 ڳالهيون** پڙهي يا ٻڌي وٺي، امام غزالي (رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه) جي صدقي ان جي دل نيڪين سان پرپور ۽ گناھن کان دور ڪري ڪيس ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخِري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بيشڪ الله پاڪ منهنجي قبر تي هڪ فرشتو مقرر فرمايو آهي، جنهن کي سڄي مخلوق جا آواز ٻڌڻ جي طاقت عطا ڪئي وئي آهي. قيامت تائين جيڪو بہ شخص مون تي دُرود پاڪ پڙهندو آهي، اهو فرشتو مون وٽ ان شخص ۽ سندس پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي ۽ چوندو آهي: ”فلاڻي پٽ فلاڻي جي هن وقت اوهان تي دُرود پاڪ پڙهيو آهي. (مسند بزار،4/255،حديث:1425)

سُبۡحٰنَ الله! درود شريف پڙهڻ وارو ڪيڏو نہ ڀاڳ وارو آهي، جو سندس نالو پيءُ جي نالي سميت بارگاھِ رسالت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. هتي هي نڪتو بہ انتهائي ايمان افروز آهي تہ قبرِ منور تي حاضر فرشتي کي ايتري تہ قوتِ سماعت (يعني ٻڌڻ جي طاقت) عطا ڪئي وئي آهي، جو هُو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ ئي وقت دُرود

شريف پڙهڻ وارن لڪين مسلمانن جو انتهائي هلڪو آواز به ٻڌي ونندو آهي. جڏهن دربار جي خادم جي قوتِ سماعت جو هِي حال آهي ته پوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اختيارن جو ڇا شان هوندو! اُهي ڇو نه پنهنجن غلامن کي سجاڳيندا ۽ ڇو نه انهن جي فرياد ٻڌي بِاذنِ الله (يعني الله جي اجازت سان) سندن مدد فرمائيندا!

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بَھلا　　جب نہ خدا ہی چُھپا تم پہ کروڑوں درود
(حدائقِ بخشش، ص 264)

میں قُرباں اِس ادائے دَستْ گیری پر مِرے آقا　　مدد کو آگئے جب بھی پُکارا یارسولَ اللہ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (1): متقيءَ کي متقي ڇو چيو ويندو آهي؟

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: تقويٰ وارن کي "متقي" ان ڪري چيو ويو، جو انهن ناجائز ۾ پئجي وڃڻ جي خوف کان جائز شين کي به ڇڏي ڏنو. (ترمذی،204/4،حدیث:2459بتغیر۔منهاج العابدين،ص60)

**شرح حديث:** يعني متقي انسان ڪجهه حلال شين کي به ان خوف کان ڇڏي ڏيندو آهي ته متان هو شُبهي واري شيءِ (يعني جنهن جي حلال يا حرام هجڻ جو علم نه هجي) ۾ نه پئجي وڃي. اهڙيءَ طرح فحش گوئي يا ڪوڙ ۾ مبتلا ٿي وڃڻ جي خوف کان ڪجهه جائز ڳالهيون به ڇڏي ڏيندو آهي ۽ حديث روايت ڪرڻ واري جي حالت جو علم نه هئڻ، يا ان جو علم ته هجي پر ان جي روايت تي اعتماد نه هئڻ سبب ان خوف کان روايت نه ڪندو آهي ته ڪٿي ان جي حديث موضوع (يعني هٿ جي ناهيل) نه هجي. (المفاتيح فی شرح المصابيح،3/ 399 )

الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي

اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2): نِگاهن جي حفاظت

انسان ڪڏهن اهڙي (بد) نظر وجهندو آهي، جنهن جي سبب دل ائين خراب ٿي ويندي آهي، جيئن چَمڙي خراب ٿي ويندي آهي. وليِءِ ڪامل حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمايو: ”شَهوتن (يعني نفساني خواهشن) کان بچڻ لاءِ سڀ کان بهترين رڪاوٽ نظرون جهڪائي رکڻ آهي.“ (منهاج العابدين،ص62)

## (3): عبادت ۽ دعا ۾ لذت حاصل ڪرڻ جو نسخو

عبادت جي چاشني ۽ دعا جي لذت عبادت گذارن وٽ تمام وڏي شيءِ آهي ۽ ان جي لاءِ هي عمل (يعني حديث پاڪ مطابق تہ عورت جي حسن ۽ جمال ڏانهن ڏسڻ ابليس جي زهريلن تيرن مان هڪ تير آهي، پوءِ جنهن ان کي ڇڏي ڏنو، اللّٰه پاڪ ان کي عبادت جي اهڙي لذت عطا ڪندو، جيڪا کيس خوش ڪري ڇڏيندي. (مسند الفردوس،4/297، حديث:6872) مُجَرَّب (يعني آزمايل) آهي. جيڪو ان تي عمل ڪندو، ان کي ان جو يقين ٿي ويندو. بيشڪ جڏهن هو فضول شين کان پنهنجي نظر جي حفاظت ڪندو تہ عبادت جي لذت ۽ مناس ۽ دل جي اهڙي صفائي حاصل ڪندو، جيڪا ان کان اڳ ڪڏهن حاصل نہ ڪئي هوندائين. (منهاج العابدين،ص63)

## (4): فضول گفتگو جو وبال

حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا: جڏهن توهان پنهنجي دل ۾ سختي، جسم ۾ ڪمزوري ۽ رزق ۾ تنگي ڏسو تہ پڪ ڄاڻو تہ توهان ضرور ڪا فضول ڳالهہ زبان مان ڪڍي آهي. (منهاج العابدين،ص65)

## (5): غِيبت جي تباهه ڪاري

غيبت تہ نيڪين کي تباهہ ڪرڻ واري بجلي آهي. منقول آهي تہ: ماڻهن جي غيبت ڪرڻ واري جو مثال ان شخص وانگر آهي، جيڪو هڪ مِنْجَنِيق (پٿر اڇلائڻ وارو اوزار) نصب ڪري ڇڏي ۽ ان جي ذريعي پنهنجون نيڪيون اولهہ، اوڀر. ڏکڻ ۽ اتر چارون طرف اڇلائيندو رهي. (منہاج العابدين، ص 65)

## (6) هڪ مشهور چوِڻي

هڪ مشهور چوڻي آهي تہ: ڪيترائي لفظ ماڻهوءَ کي چوندا آهن تہ: اسان کي وات مان نہ ڪڍ. (منہاج العابدين،ص66)

## (7): اللّٰه پاڪ تي سڀ ڪجهہ ظاهر آهي

ٻانهن کي ديڄارڻ ۽ خبردار ڪرڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ **اللّٰه پاڪ دلين جا حال ڄاڻي ٿو**. جو تہ غيبن کي ڄاڻڻ واري سان معاملو تمام نازڪ آهي، تنهنڪري غور ڪريو تہ توهان جي دلين جي ڪهڙن ڪهڙن خيالن کي هُو ڄاڻي ٿو. (منہاج العابدين،ص68)

## (8) ڊِگهي اميد ۽ موت جي ياد

جڏهن توهان کي ڊگهي زندگيءَ جي اميد هوندي تہ توهان موت ۽ قبر کي وساري ويهندؤ. (منہاج العابدين،ص72)

## (9) دل جي نرمي ۽ صفائيءَ جو طريقو

دل تہ موت ۽ قبر، ثواب ۽ عذاب ۽ آخرت جي احوالن کي ياد ڪرڻ سان نرم ۽ صاف ٿيندي آهي ۽ جڏهن انهن مان توهان وٽ ڪجهہ بہ نہ هوندو تہ دل ڪٿان نرم ۽ صاف ٿيندي؟ (منہاج العابدين،ص72)

## (10): دنيا ٽي ساهَ آهي

اسان جي شيخ (يعني امام غزالي رَحمَۃُاللہِعَلَیۡہِ) جي هن فرمان تي غور ڪريو ته: ”دنيا ٽي ساهَ آهي. هڪ اُهو ساهُ جيڪو توهان ڪٽي چڪا آهيو ۽ ان ۾ جيڪو عمل ڪرڻو هو، ڪري چڪا، ٻيو اُهو ساهه آهي جيڪو توهان هن وقت ڪٽي رهيا آهيو ۽ ٽيون اچڻ وارو ساهه آهي، جنهن جي توهان کي خبر ئي ناهي ته اهو ڪٽي به سگهندؤ يا نه.“ ڪيترن ئي ساهه ڪٽڻ وارن کي موت اچڻ واري ساهه کان پهريان ئي سوگهو ڪري ونندو آهي، تنهنڪري توهان وٽ هڪ ئي ساهُ آهي، نه وري هڪ گهڙي يا هڪ ڏينهن. تنهنڪري ان کان اڳ جو موت اچي وڃي، انهيءَ هڪ ئي ساهه ۾ عبادت ۽ توبهه ڏانهن جلدي ڪريو. (منهاج العابدين ، ص73)

## (11): حَسَد جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي

حسد نيڪين کي برباد ڪندو ۽ گناهن تي اُڀاريندو آهي ۽ اِها هڪ اهڙي بيماري آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مبتلا آهن. حسد ماڻهن کي هلاڪ ڪري جهنم جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. (منهاج العابدين،ص74ملخصاً)

## (12): رَبَ جي ناراضگيءَ جو حقدار ڪير؟

حضرت سيدنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا رب! توکي پنهنجي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ ناپسند ڪير آهي؟ ارشاد ٿيو: جنهن جي دل ۾ تڪبر، زبان تي فحش گوئي، نيڪين کان مُنهُن موڙڻ وارو، هٿ جو ڪنجوس ۽ سندس اخلاق برا هجن. (منهاج العابدين،ص77)

## (13): ڊِگهي اميد رکڻ وارو ڪير؟

جيڪڏهن توهان يقيني طور تي هي ذهن ٺاهي ڇڏيو ته مان اچڻ واري ساهَ، اچڻ واري گهڙي يا اچڻ واري ڏينهن تائين لازمي زنده

رهندس تہ توهان ڏکهي اميد رکڻ وارا آهيو ۽ اِها توهان جي طرفان نافرماني آهي ڇوتہ اِهو غيب (يعني لڪيل معاملي) بابت فيصلو ڪرڻ آهي ۽ جيڪڏهن توهان الله پاڪ جي علم ۽ ارادي سان پنهنجي ارادي کي پابند ڪري ڇڏيو ۽ هيئن چئو تہ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ مان زنده رهندس، يا جيڪڏهن علمِ الٰهي ۾ اجان منهنجي زندگي باقي آهي تہ مان زنده رهندس. اهڙي صورت ۾ توهان ڏکهي اميد رکڻ وارا نہ، پر اميد کي ترڪ وارا چَورائيندؤ. (منہاج العابدین،ص78)

## (14): موت جي ياد

ياد رکو! اميدن جي گهٽتائيءَ جو قلعو(يعني گهٽين اميدن کان بچڻ جو ذريعو) موت کي ياد ڪرڻ آهي ۽ هن قلعي جو قِلعو (يعني ان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو طريقو) بي خبري ۽ غفلت جي حالت ۾ اوچتو اچڻ واري موت کي ياد ڪرڻ آهي.

هن گفتگو جو هي خلاصو ياد ڪري ونو ۽ ان تي عمل ڪريو، ڇوتہ ان جي تمام گهڻي ضرورت آهي ۽ ماڻهن سان ملاقاتن ۽ بحث مباحثي ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ ڇڏي ڏيو.(منہاج العابدین،ص79)

## (15): پنهنجي اندر عاجزي پيدا ڪرڻ جو طريقو

نفس کي ڪمتر ۽ حقير سمجهڻ جي خيال کي تواضع (يعني عاجزي) چيو ويندو آهي. عاجزيءَ جي صفت پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ لاءِ حق کان منهن موڙڻ وارن ۽ باطل ۾ وڌي وڃڻ وارن جو انجام ياد ڪريو. (منہاج العابدین،ص81)

## (16): حرام غذا ۾ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ جو وَبال

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنہُما کان روايت آهي تہ الله پاڪ اهڙي شخص جي نماز قبول نہ ڪندو آهي، جنهن جي پيٽ ۾ حرام غذا هجي.

امام غزالي رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: باقي رهيو فضول ۽ ضرورت کان وڌيڪ حلال کائڻ، ته ان جو استعمال به ٻانهن جي لاءِ آفت ۽ عبادت ۾ گهٽي محنت ڪرڻ وارن لاءِ مصيبت آهي. گهڻو کائڻ سان دل ۾ سختي پيدا ٿيندي آهي ۽ نورُ هليو ويندو آهي. ڪجهه نيڪ ٻانهَن ان جو مثال هن طرح بيان ڪيو آهي ته معدو دل جي هيٺان هڪ اُبرندڙ ديڳڙيءَ وانگر آهي، تنهنڪري معدي مان ٻاڦ دل ڏانهن چڙهندي آهي جنهن جي ڪري دل مِيري ۽ خراب ٿي ويندي آهي. استاد ابو جعفر رحمۃُاللہِعلیہ چا ته خوب فرمايو آهي: پيٽ هڪ اهڙو عضوو آهي، جڏهن اُهو بکيو هوندو آهي ته جسم جا ٻيا عضوا پريل هوندا آهن (يعني پُرسڪون هوندا آهن) ۽ ڪنهن شيءِ جو مطالبو نه ڪندا آهن ۽ جڏهن پيٽ پريل هوندو آهي ته ٻيا عضوا بکيا هوندا آهن(يعني مختلف برائين ڏانهن لاڙو رکندا آهن). جيڪڏهن پيٽ ۾ حرام غذا ويندي ته حرام ڪمن جي صورت ۾ ٻاهر ايندي ۽ جيڪڏهن فضول ۽ ضرورت کان وڌيڪ غذا پيٽ ۾ داخل ٿيندي ته اها فضول ڳالهين جي صورت ۾ ٻاهر ايندي. جڻ ته غذا ٻج آهي ۽ ڪم ۽ ڳالهيون ان ٻج جو ٻوٽو آهن، جيڪو ٻج جي مطابق ڦُٽندو آهي. (منہاج العابدین، ص 82، 83ملتقطاً)

## (17): اڪيلائي ۾ ٻڪ

حضرت سفيان ثوري رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو: عبادت هڪ ڌنڌو (Profession) آهي، ان جو دڪان اڪيلائپ (Loneliness) آهي ۽ ان جو اوزار (Instrument) ٻڪ آهي. (منہاج العابدین،ص84)

## (18): حلال ضرورت جيترو ئي ايندو آهي

نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حلال توهان وٽِ ضرورت جيترو ئي ايندو ۽ حرام توهان وٽ بي انداز ايندو.

(تفسیر ثعلبی،پ9،الاعراف،تحت الآیۃ:163تا166، 296/4) (منہاج العابدین،ص84)

## (19): آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصيت

الله پاڪ جڏهن اسان جي پياري آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون دنيا پيش ڪئي تہ ارشاد فرمايو: ان جي بدلي ۾ اوهان جي آخرت مان ڪا بہ گهٽتائي نہ ڪندس. رب ڪريم هن فضيلت سان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خاص فرمايو آهي. تنهنڪري هي هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ ٻين کي آخرت ۾ ثواب جي گهٽتائي کي منهن ڏيڻو پوندو، سواءِ ان شخص جي، جنهن تي الله پاڪ پنهنجو فضل فرمائي. (منہاج العابدین،ص85)

## (20) گهڻو کائڻ جا دنياوي ۽ اُخروي نقصان

گهڻو کائڻ سبب آخرت ۾ حساب ڪتاب جي لاءِ بيهڻو پوندو ۽ ضرورت کان وڌيڪ حلال شيءِ حاصل ڪرڻ ۽ خواهشن ۾ مبتلا ٿيڻ سبب جيڪا بي ادبي ٿي هوندي، ان تي شرمسار ڪيو ويندو، ڇوتہ دنيا جي حلال تي حساب، حرام تي عذاب ۽ ان جي خوبصورتي ۽ لذت ۾ مبتلا ٿيڻ سبب آخرت ۾ نقصان ۽ خسارو آهي.

(منہاج العابدین،ص85)

## (21): گهڻو کائڻ جون 10 مصيبتون

(1) دل جي سختي (2) عضون ۾ شرانگيزي (3) فهم ۽ فراست ۾ گهٽتائي (4) عبادت ۾ ڪمِي (5) عبادت جي لذت جو ختم ٿي وڃڻ (6) حرام ۾ مبتلا ٿي وڃڻ جو خطرو (7) طرحين طرحين مصروفيتون (8) موت جون سختيون (9) ثواب ۾ گهٽتائي (10) آخرت جي شرمندگي. گهڻو کائڻ جون هي 10 مصيبتون آهن، پر پنهنجو فڪر ڪرڻ واري جي لاءِ انهن مان هڪ ئي ڪافي آهي.

(منہاج العابدین،ص82تا 85 ملتقطاً)

## (22) پرهيزگاريءَ جي رستي تي هلڻ جي لاءِ

تقويٰ (يعني پرهيزگاريءَ) جي راهه تمام ڏکي آهي. ان تي هلڻ واري جي لاءِ شرط آهي ته هُو پنهنجي نفس ۽ دل کي تڪليفون برداشت ڪرڻ لاءِ مضبوط ڪري، نه ته هُو هن راهه تي هلي نه سگهندو.
(منہاج العابدین،ص88)

## (23): کھڙي ڪاڏي تي حساب نہ، پر ثواب آهي

ماڻهو حلال ۽ مباح رزق الله پاڪ جي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ضرورت جيترو حاصل ڪري، ڇوته ايترو حاصل ڪرڻ ضرورت ۾ شامل آهي ۽ پوءِ اُن کي ئي ڪافي سمجهي ته هي ان جي طرفان خير، نيڪي ۽ ادب آهي ۽ ان تي نه حساب آهي نه عذاب، پر هُو ان تي ثواب ۽ تعريف جو حقدار آهي. (منہاج العابدین،ص90)

## (24) دنيا جي دوستيءَ ۾ اجايو وقت وڃائڻ وارن جي لاءِ لمحءِ فڪر

ياد ڪريو ته توهان کي قبر ۾ دفن ڪرڻ کان ٿي ڏينهن پوءِ توهان جا دوست ۽ مائٽ توهان کي ڪيئن ڇڏي ڏيندا ۽ وساري ڇڏيندا، بلڪ توهان جي ياد به باقي نه رهندي. ڇڻ ته نه توهان انهن کي ڪڏهن ڏٺو هو ۽ نه انهن ئي توهان کي ڪڏهن ڏٺو هو. قبر ۾ الله پاڪ کان سواءِ ٻيو ڪو به پُرسانِ حال (يعني خير خبر وٺڻ وارو) نه هوندو. ته ڇا اِهو سراسر دوکو نه آهي جو توهان ان مخلوق سان پنهنجو وقت ضايع ڪريو، جڏهن ته انهن جي طرفان وفاداري ۽ دوستي تمام ٿوري وقت جي لاءِ آهي ۽ انهن سان گڏ رهڻ به تمام ٿورو آهي؟ ڇا اِهو ظاهر ظهور دوکو نه آهي ته توهان هنن دوستين جي خاطر الله پاڪ جي عبادت ڇڏي رهيا آهيو، جڏهن ته آخرڪار انهيءَ ذاتهن ئي موٽڻو آهي؟ اُهوئي هميشه توهان جو ساٿ ڏيڻ وارو آهي، سڀ ضرورتون انهيءَ

ڏانهن موٽنديون آهن، سچو ڀروسو انهيءَ تي آهي ۽ هر حال، هر مصيبت ۽ پريشانيءَ جي وقت اُها ئي لاشريڪ ذات مددگار آهي.
(منہاج العابدین، ص 93)

## (25): نفس جي خَباثت 70 شيطانن جي خَباثت کان وڌيڪ آهي

هڪ بزرگ رحمۃُاللہِعلیہ سچ فرمايو آهي ته نفس جي جهالت ۽ ان جي ڪمينگي توکي ان وقت معلوم ٿيندي، جڏهن اُهو ڪنهن گناهه جو ارادو ڪري يا ڪنهن خواهش لاءِ تيار ٿئي ۽ تون ان کي الله پاڪ، ان جي سيني انبياءِ ڪرام ۽ رسولن علیھم السّلام، سمورن آسماني ڪتابن ۽ سيني بزرگن جو واسطو ڏِين ۽ موت، قبر ۽ جنت ۽ دوزخ جو معاملو ان جي سامهون پيش ڪرِين، تڏهن به هي نه مُڙندو ۽ پنهنجي خواهش نه ڇڏيندو. (منہاج العابدین،ص94)

## (26) گناهه ڇڏي ڏيڻ نيڪيون ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي

بچڻ مان مراد گناهن ۽ برائين کان بچڻ آهي ۽ اِها ئي تقويٰ (يعني پرهيزگاري) آهي. انهن ٻنهي کان بچڻ واري صورت ئي وڌيڪ درست ۽ افضل آهي ڇوته جيڪي خوب عبادت ڪرڻ وارن جي ابتدائي درجي(Initial stages) تي هوندا آهن، انهن جي سموري ڪوشش اِن ڳالهه تي هوندي آهي ته ڏينهن روزي ۾ ۽ رات عبادت ۾ گذري ۽ اُهي اُنهيءَ ۾ ئي لڳل رهندا آهن. جڏهن ته عبادت گذارن ۾ انتهائي درجي(Extreme level) وارا اصحابِ بصيرت "اجتناب" يعني بچڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. انهن جي سموري ڪوشش ان ڳالهه تي هوندي آهي ته سندن دل الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن متوجهه نه ٿئي. اهي حضرات پيٽ کي ضرورت کان وڌيڪ حلال کاڌي کان، زبان کي

فضول ڳالهين کان ۽ اکين کي بيڪار شين ڏانهن ڪڇڻ کان بچائيندا آهن. (منہاج العابدين،ص95)

## (27): پرهيز اَڌُ نہ، پر پُورو علاج آهي

منقول آهي تہ (اڳي زماني ۾) هندستان جا ماڻهو مريض جو گهڻو ڪري علاج پرهيز سان ڪندا هئا. انهن وٽِ مريض کي ڪجهہ ڏينهن تائين کائڻ، پيئڻ ۽ ڳالهائڻ کان روڪيو ويندو هو تہ هو صحتياب ٿي ويندو هو. (منہاج العابدين،ص96)

## (28): هڪ گِرهہ ۽ بري نظر جي نحوست

هڪ گرهہ سان دل جي حالت ايئن بدلجي ويندي آهي، جو ڪڏهن بہ پنهنجي اصلي حالت تي واپس نہ ايندي آهي ۽ ڪڏهن هڪ گرهہ رات جي عبادت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪيئي ڀيرا اهڙي نگاهہ ڪجي ويندي آهي، جو انسان هڪ سورت جي تلاوت بہ ناهي ڪري سگهندو ۽ ڪڏهن اهڙو لقمو کائي ويهندو آهي، جنهن جي ڪري سڄو سال عبادت نصيب ناهي ٿيندي آهي. (منہاج العابدين،ص97)

## (29): دل جي اصلاح سڀ کان ڏکيو ڪم آهي

حضرت سيدنا ابو يزيد بسطامي رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو: مون **10** سال دل، **10** سال زبان ۽ **10** سال نفس جي اصلاح ڪئي، تہ انهن مان سيني کان مشڪل دل جي اصلاح کي ڏٺم. (منہاج العابدين،ص98)

## (30): نفس ماڻهوءَ جي تابع آهي

انسان نفس کي جيئن رکندو آهي، اهو تيئن ئي رهندو آهي. جيڪڏهن ان کي ڪارايو وڃي تہ خواهش ڪندو آهي، جي نہ تہ مطمئن رهندو آهي. (منہاج العابدين،ص102)

## (31): رزق ڏيڻ جو قَسَم

عظيم تابعي بزرگ حضرت حسن بصري رحمةُاللهِ عليه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي لعنت هجي اهڙن ماڻهن تي، جن کي الله پاڪ جي قسمن تي بہ يقين ناهي. جڏهن هيءَ مبارڪ آيت نازل ٿي:

فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ (پارو: 26، سورة الذّٰريٰت: 23)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم! بيشڪ هي (قرآن) حق آهي.

جنهن تي فرشتن چيو تہ بني آدم لاءِ هلاڪت هجي! انهن پنهنجي ربّ ڪريم کي ناراض ڪيو، جڏهن تہ اُن ڪين رزق ڏيڻ تي قسم ارشاد فرمايو. (منهاج العابدين، ص106)

## (32): منهنجو معاملو الله پاڪ جي حوالي آهي

امام غزالي رحمةُاللهِ عليه لکن ٿا: اسان جا شيخ رحمةُاللهِ عليه پنهنجي مجلسن ۾ اڪثر فرمائيندا هئا: دَعِ التَّدْبِيْرَ اِلٰى مَنْ خَلَقَكَ تَسْتَرِحُ يعني پنهنجي تدبيرکي پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي حوالي ڪري ڇڏ، تون پُرسڪون ٿي ويندين. (منهاج العابدين،ص113)

## (33): پڪو ارادو گهرجي

مون (يعني امام غزالي رحمةُاللهِ عليه) حضرت سيدنا امام الحرمين ابو المَعَالي جُوَيني رحمةُاللهِ عليه کي هن مسئلي جي باري ۾ هيئن فرمائيندي ٻڌو تہ الله پاڪ نماز، روزو ۽ حج وغيره جيڪي بہ شيون ٻانهي تي فرض فرمايون آهن، انهن ۾ يقيناً ٻانهي جي لاءِ ڀلائي آهي.
(منهاج العابدين،ص116)

## (34): سڀ کان ڏکيو ڪم

عبادت ۾ محنت ۽ مشقت جي ڪري ان جي ترغيب ڏني وئي ۽ ان تي ثواب جو واعدو ڪيو ويو، چو ته پانهو خواهش کي ختم ڪري ۽ نفس کي ماري ئي عبادت ڪري سگهي ٿو، ان ڪري جو نفس ۽ خواهش نيڪي ۽ ڀلائي کان روڪيندا آهن ۽ انهن جي مخالفت ڪرڻ انسان جي لاءِ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي. (منہاج العابدين،ص120)

## (35): وڏن جا امتحان به وڏا هوندا آهن

جيڪو جيترو وڏيڪ الله پاڪ جي ويجهو هوندو آهي، دنيا ۾ مصيبتون ۽ تڪليفون به ان جي لاءِ اوترين ئي وڏيڪ هونديون آهن. (منہاج العابدين،ص121)

ڇا توهان الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان نه ٻڌو آهي ته ماڻهن ۾ سڀ کان سخت آزمائش انبياءِ ڪرام عليهم السّلام جي ٿيندي آهي، پوءِ شهيدن جي، پوءِ درجه بدرجه ٻين ماڻهن جي. (ترمذی، 179/4، حديث : 2406، دون ذکر ”الشهداء“)

## (36) هر مشڪل کان پوءِ آساني آهي

عربي شعرن جو ترجمو: ڪڏهن به نااميد نه ٿيءُ، جيتوڻيڪ مطالبي کي عرصو گذري وڃي. جيڪڏهن تون صبر کان مدد وٺندين ته ڪشادگي (يعني آساني) کي ڏسي وٺندين. پنهنجي مراد ماڻيندڙ صابر جهڙو تي وڃ ۽ داخل ٿيڻ لاءِ دروازن کي مسلسل ڪڙڪائيندڙ شخص وانگر تي وڃُ. (منہاج العابدين،ص122)

## (37): صرف رزق جي فڪر ۾ پنهنجو پاڻ کي ٿڪائڻ وارؤ!

الله پاڪ جي عبادت ۾ پيش اچڻ وارين رڪاوٽن مان سڀ کان

وڏي ۽ سڀ کان ڏکي رڪاوٽ رزق جو معاملو آهي. ان جو فڪر مخلوق لاءِ سڀ کان وڏي مصيبت آهي. مخلوق ان جي لاءِ پنهنجين جانين کي ٿڪائي ڇڏيو، دليون فڪرن ۾ ڦاسي ويون، ان جي غم ۾ غم وَڌِي ويا، پنهنجون عمريون ضايع ڪري ڇڏيائون ۽ ان جي ڪري وڏن وڏن گناهن جو بار پنهنجي مٿي تي کڻي ورتائون. هن رزق جي فڪر مخلوق کي الله پاڪ ۽ ان جي عبادت کان دور ڪري دنيا ۽ مخلوق جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري دنيا ۾ انهن انڌيري، غفلت، نقصان ۽ ذلت ۽ رسوائي ۾ زندگي گذاري ۽ آخرت ڏانهن هٿين خالي هلي پيا. جيڪڏهن الله پاڪ پنهنجي فضل سان رحم نہ فرمايو تہ اُتي انهن کي حساب ۽ عذاب سان منهن ڏيڻو پوندو. (منہاج العابدین،ص124)

## (38): الله پاڪ منهنجي معاملي ۾ بهتريءَ کي مون کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو

هڪ بزرگ رحمۃُاللہِعلیہ کي الله پاڪ جي طرفان اشارو ٿيو تہ: گهُر، توکي ڏنو ويندو. اُهي توفيق يافتہ هئا، تنهنڪري بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪرڻ لڳا: هر شيءَ کان واقف ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو (رب)، هر لحاظ کان ناواقف ٻانهي کي فرمائي رهيو آهي تہ گهُر، توکي ڏنو ويندو. ڀلا مون کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي لاءِ ڇا بهتر آهي، جو مان ان جو سوال ڪريان؟ بس منهنجي لاءِ تون ئي پسند فرماءِ. (منہاج العابدین،ص131)

## (39) سڄو جَهانُ تنهنجي لاءِ آهي ۽ تون خدا جي لاءِ آهين

جيڪڏهن ڪو شخص توکي چوي تہ مان تنهنجا سمورا ڪم ڪندس ۽ تنهنجين سڀني ضرورتن جي بهترين تدبير ڪندس. تون پنهنجا

سمورا معاملا منهنجي حوالي ڪري بي فڪر ٿي وڃ ۽ اُهو شخص تنهنجي نظر ۾ پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو عالِم، سڀ کان وڌيڪ عقلمند، قابلِ اعتماد، سچو ۽ سڀ کان وڌيڪ وفادار هجي، ته ڇا تون سندس اُن ڳالهه کي پنهنجي لاءِ غنيمت ۽ تمام وڏي نعمت نه سمجهندين؟ ۽ ڇا تون سندس احسان مند نه ٿيندين؟ پوءِ جيڪڏهن هُو تنهنجي لاءِ ڪا اهڙي شيءِ پسند ڪري، جنهن ۾ توکي ڪا بهتري نظر نه ايندي هجي، ته پوءِ به تون پريشان نه ٿيندين، پر ان شخص جي تدبير تي مطمئن ٿي ويندين ۽ توکي يقين هوندو ته هي شخص منهنجي لاءِ بهتر شيءِ ئي پسند ڪندو ۽ تنهنجي لاءِ ڀلائي ئي سوچيندو، جيتوڻيڪ بعد ۾ ان جو نتيجو ڪهڙو به نِڪري. پر ڇا توکي ان تي مڪمل اعتماد نه هوندو؟ جڏهن هڪ ٻانهي تي تنهنجي اعتماد جو اِهو مقام آهي، ته پوءِ توکي ڇا ٿي ويو آهي، جو پنهنجا ڪم تمام جهانن جي رب ڪريم جي حوالي نه ٿو ڪرين، جڏهن ته زمين ۽ آسمانن جي تدبير فرمائڻ وارو اهو ئي آهي، سڀني کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو، سڀني کان وڌيڪ قدرت وارو، سڀني کان وڌيڪ مهربان ۽ سڀني مالدارن کان وڌيڪ مالدار آهي. (منهاج العابدين،ص131، 132)

## (40) سِڌو رستو

الله پاڪ تي خالص توڪل جي ذريعي دل کي ان جي پسنديده شين کان پري رکڻ، نفس کي پڪين (يعني برين) عادتن کان روڪڻ ۽ پنهنجي ڪمن جو انجام ڄاڻڻ کان سواءِ انهن جي باري ۾ تدبير ڇڏي انهن کي الله پاڪ جي حوالي ڪرڻ، نفس کي حڪمِ الٰهي تي ناراضگي ۽ واويلا ڪرڻ کان روڪڻ (جيتوڻيڪ نفس ان ۾ جلدي ڪندو آهي)، ۽ ناپسند ڪرڻ جي باوجود نفس کي الله پاڪ جي رضا جو لغام ڏيڻ ۽ صبر جو ڏُک پيئارڻ، هِي سڀ ڪم جيتوڻيڪ ڏکيا، نهايت سخت علاج ۽ ڳرو بار آهن، پر اِهو ئي سڌو رستو آهي ۽ ان

جو انجام سٺو ۽ ان جون حالتون نيڪ بختيءَ تي مشتمل آهن.
(منہاج العابدین،ص134)

## (41): مصيبت اچڻ تي صبر ڪرڻ جو طريقو

جڏهن توکي ڪا مصيبت پهچي ۽ اها توکي بُري لڳي، ته فوراً ان وقت پنهنجي نفس جي نگراني ڪر ۽ پنهنجي دل کي قابو ۾ رک، ته جيئن اها بيچين نه ٿئي ۽ نه ئي شڪوه شڪايت ڪري، ڇو ته صبر ۽ تحمل جو اصل موقعو اهو ئي هوندو آهي ۽ ان وقت نفس بي صبريءَ ڏانهن تڪڙو وڌندو آهي. تون پنهنجي نفس کي چئه: اي نفس! هيءَ مصيبت ته اچي وئي آهي، هاڻي ان کي پري ڪرڻ جي ڪا تدبير نه آهي ۽ الله پاڪ ان ڪان به وڏي مصيبت کي دور فرمائي ڇڪو آهي. بيشڪ مصيبتون ڪيئي قسمن جون ۽ تمام گهٽيون هونديون آهن. جلد ئي هيءَ مصيبت به ٽرِي ويندي، هي ته هڪ ڪکر آهي، جيڪو وَسِي هليو ويندو. تنهنڪري اي نفس! تون نه ته آيل مصيبت کي ٽاري سگهين ٿو ۽ نه ئي بي صبريءَ جو ڪو فائدو آهي. ته پوءِ ڪجهه دير لاءِ صبر جو دامن پڪڙي وٺ، ان جي بدلي ۾ توکي ڏکي خوشي ۽ تمام گهڻو ثواب حاصل ٿيندو ۽ حقيقت هيءَ آهي ته صبر ۽ تحمل جي سبب ڪا به مصيبت، مصيبت نه رهندي آهي، تنهنڪري تون پنهنجي زبان کي اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ چوڻ ۽ دل کي ان شيءِ جي ياد ۾ لڳائي ڇڏ، جنهن جي بدلي ۾ توکي الله پاڪ جي بارگاهه مان اجر ۽ ثواب ملندو. ۽ مضبوط ارادي وارن انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ اولياءِ عظام رحمت الله عليهم جو وڏين وڏين مصيبتن تي صبر ڪرڻ ياد رک. (منہاج العابدين،ص137)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضان مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92    0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net